# قرآني بيان

# غزوهٔ بدر مان اسان ڇا سکيو؟

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

## جي جمعة المبارڪ جو

14 March 2025



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 14 مارچ 2025ع (متوقع اسلامي تاريخ 13 رمضان المبارڪ 1446 ھ) جي جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# غزوهٔ بدر مان اسان ڇا سکيو؟

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... اطاعت ڪاميابي جي اوّل شرط آهي

✿... ناڪامين جي هڪ بنيادي وجهہ

✿... هڪ متڪبر ڪافر جو واقعو

✿... رياڪاري ڪاميابي جي راهہ ۾ رڪاوٽ آهي

**پيشڪش**

اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

*For Feedback*: +92315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

# درود پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ فرمايو:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ط يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا

(پاره:22،سورة احزاب:56)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي تي درود موڪلن ٿا. اي ايمان وارؤ! ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو.

امام سخاوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن آيت ۾ الله پاڪ پنهنجي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مقام ۽ مرتبو بيان فرمايو آهي ته الله پاڪ پنهنجي مقرب فرشتن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثنا ڪري ٿو ۽ فرشتا پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪلين ٿا، پوءِ زمين وارن کي حڪم ڏنو ته اهي به پياري آقا، مديني واري مُصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود ۽ سلام موڪلين ته جيئن زمين ۽ آسمان ۾ سموري مخلوق حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ثناء ۾ مشغول ٿي وڃي. (1)

درود اُن پہ بھیجو سلام اُن پہ بھیجو | یہی مؤمنوں سے خدا چاہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...سعادت الدارين ،صفحہ:66خلاصةً۔

# سورت انفال، آيت: 46 ۽ 47

الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ وَ لَا تَنَازَعُوْا فَتَفْشَلُوْا وَ تَذْهَبَ رِيْحُكُمْ وَ اصْبِرُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۴۶﴾ وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا وَّ رِئَآءَ النَّاسِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿۴۷﴾

(پاره:10،سورهٔ انفال:46-47)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو ۽ پاڻ ۾ بي اتفاقي نہ ڪيو نہ تہ توهان بزدل ٿي ويندؤ ۽ توهان جي هوا(قوت) ٽٽي ويندي ۽ صبر ڪيو، بيشڪ الله صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي. ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان وڏائي ڪندي ۽ ماڻهن کي ڏيکاءُ ڪندي نڪتا ۽ اهي الله جي رستي کان روڪي رهيا هئا ۽ الله انهن جي سڀني عملن کي گهيري رکيو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! غزوهٔ بدر اسلامي تاريخ جو پهريون غزوو آهي، 17 رمضان المبارڪ سن 2 هجري تي هي عظيم الشان معرڪو پيش آيو، هن ۾ ڪافرن جو تعداد تقريبن 1 هزار هو، مسلمان 313 جي تعداد ۾ هئا، يعني افرادي قوت ۾ واضح فرق هو، ڪافرن جو لشڪر مسلمانن کان 3 ڀيرا وڌيڪ هو، انهن وٽ ساز و سامان بہ گهڻو هو، جنگي اوزار بہ ڪافي تعداد ۾ هئا، ان جي باوجود مسلمانن کي عظيم الشان فتح نصيب ٿي ۽ ڪافرن کي عبرتناڪ شڪست ملي.

قرآنِ ڪريم ۾ هڪ کان وڌيڪ جڳهن تي غزوهٔ بدر جو ذڪر موجود آهي ۽ هن مبارڪ معرڪي جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. اسان سيپاري:10، سورهٔ انفال جون 2 آيتون (46 ۽ 47) ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هنن 2 آيتن ۾ غزوهٔ بدر مان حاصل ٿيندڙ ڪجهہ سبقَ بيان ڪيا ويا آهن.

بنيادي طور تي ائين ئي سمجهو تہ ظاهري اسباب ۽ افرادي قوت ۾ ايترو واضح فرق هجڻ جي باوجود آخر ڪافرن کي شڪست ڇو ٿي؟ مسلمانن جي فتح جا سببَ ڇا هئا؟ هنن 2 آيتن ۾ انهن سببن کي ذڪر ڪيو ويو آهي يا ٻين لفظن ۾ هيئن چئو تہ هڪ مسلمان جي ڪاميابي ۽ ناڪامي جا باطني سبب ڪهڙا آهن؟ هنن آيتن ۾ انهن سببن کي بيان ڪيو ويو آهي.

انداز تمام نصيحت ڀريو آهي ۽ خطاب اسان مسلمانن کي ڪيو ويو آهي تہ ڪُل 6 ڳالهيون آهن جيڪي هتي ارشاد ٿيون. انهن مان 3 ڪم اهي آهن جيڪي اسان کي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ 3 ڪم اهي آهن جن کان اسان کي منع ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اسان اهي 3 ڪم ڪيون ۽ 3 ڪمن کان رڪجي وڃون تہ جنهن طرح ميدانِ بدر ۾ 313 کي هڪ هزار جي لشڪر تي عظيم الشان فتح نصيب ٿي هئي، اهڙي ئي طرح اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! اسان کي بہ هر ميدان ۾ فتح ۽ ڪاميابي نصيب ٿيندي.

ڪاميابين جو اهو عظيم الشان فارمولو ڪهڙو آهي؟ اچو! ٻڌون ٿا:

## (1) اللّٰه ۽ رسول جي اطاعت

اللّٰه پاڪ فرمايو:

وَ اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ (پاره:10،سورهٔ انفال:46)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اللّٰه ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو.

هي ڪاميابيءَ جو سڀ کان پهريون ڏاڪو (درجو) آهي، هڪ مسلمان لاءِ ڪنهن بہ سطح تي ترقي، ڪاميابي ۽ عروج لاءِ سڀ کان ضروري جيڪا شيءِ آهي اها هيءَ ئي آهي تہ مسلمان پاڻهو هر وقت، هر حال ۾، هر ميدان ۾ اللّٰه پاڪ ۽ سندس پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانبردار رهي.

جڏهن اسان دل سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰه پڙهي ورتو، دائرهءِ اسلام ۾ داخل ٿي وياسين، اسان مڃي ورتو تہ اللّٰه پاڪ هڪ آهي، ان جو ڪو بہ

شريڪ نہ آهي، اهو ئي اسان جو مالڪ آهي، اهو ئي اسان جو خالق آهي، اهو ئي اسان جو رازق آهي، حضرت مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندس رسول، ۽ سندس محبوب آهن تہ پوءِ اسان تي لازم آهي تہ اسان اللّٰہ پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪامل طور تي فرمانبرداري ڪريون.

## اطاعت ڪاميابيءَ جي پهرين شرط آهي

ٻين قومن جو انداز چاهي ڪهڙو بہ هجي، البت هڪ مؤمن ٻانهي لاءِ ڪنهن بہ سطح تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ ۾ اللّٰہ ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪرڻ پهرين شرط آهي. جنهن ڪي يقين نہ هجي اهو تاريخ کڻي ڏسي، تہ مسلمانن جيسيتائين اللّٰہ ۽ رسول جي احڪامن تي پنهنجو سر جهڪايو، ڪاميابي انهن جو مقدر بڻي ۽ جڏهن مسلمانن اللّٰہ ۽ رسول جي نافرماني ڪئي، تہ انهن کي ذلت ۽ رسوائيءَ جو ئي منهن ڏسڻو پيو.

غزوهٔ بدر کي ئي ڏسي وٺو! 313 مسلمانن جي عظيم الشان فتح جي سببن مان هڪ بنيادي سبب اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي. اللّٰہ پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي وٺي مدينهٔ مُنَوَّرہ کان روانا ٿيا، ان وقت جنگ جي ارادي سان روانگي نہ هئي، مقصد ڪجھ ٻيو هو، رستي ۾ معلوم ٿيو تہ مڪي جا ڪافر لشڪر وٺي ميدانِ بدر ۾ گڏ ٿي رهيا آهن، ان تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان مشورو فرمايو تہ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي! مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق ۽ مسلمانن جي ٻي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم ۽ ٻين مهاجر صحابهٔ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! (اوهان جي لاءِ ئي مڪو ڇڏيو، پنهنجا گهر ٻار قربان ڪيا) هاڻي پنهنجون زندگيون بہ قربان ڪنداسين. پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم انصار ڏانهن رخ ڪيو، حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللهُ عنه اٿي بيٺا، ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ اللّٰہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! شايد اوهان اسان کان راءِ( مشورو) وٺڻ چاهيو ٿا. اي اللّٰہ پاڪ جا آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! ميدانِ بدر تہ

هيءُ رهيو، اوهان فرمائيندؤ تہ اسان سمنڊ ۾ بہ لهڻ لاءِ تيار آهيون. ٻيا صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ اٿي بيٺا ، عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! اسان بني اسرائيل وانگر نہ آهيون جو انهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي چيو هو

فَاذْهَبْ اَنْتَ وَ رَبُّكَ فَقَاتِلَاۤ اِنَّا هٰهُنَا قٰعِدُوْنَ﴿۲۴﴾ (پاره 6: ،سورة مائده:24)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** سو تون ۽ تنهنجو رب ٻئي وڃو ۽ وڙهو، اسان تہ هتي ئي ويٺا آهيون.

يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان اوهان تي پنهنجون زندگيون قربان ڪنداسين.[1]

هي اطاعت جو جذبو جيڪو صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي دلين ۾ موجود هو جيڪو 313 کي بدر جي ميدان ۾ وٺي بہ ويو هو ۽ فتح ڏياري عزت ڪان بہ نوازيو. هڪ شاعر وڏي خوبصورت ڳالهہ ڪئي آهي تہ ميدانِ بدر ۾ صحابہءِ ڪرام وٽ تلوارون بہ پوريون نہ هيون، جنگي سازو سامان بہ گهٽ هو، افرادي قوت بہ گهٽ هئي، ان جي باوجود اهي بدر جي ميدان ۾ ڇو هليو ويا؟ ڪنهن ڀروسي تي ميدان ۾ لٿا. تہ شاعر چيو:

تھے ان کے پاس دو گھوڑے، چھ زرہیں، آٹھ شمشیریں
پلٹنے آئے تھے یہ لوگ دُنیا بھر کی تقدیریں
نہ تیغ وتیر پر تکیہ، نہ خنجر پر نہ بھالے پر
بھروسا تھا تو اِک سادی سی کالی چادر والے پر (2)

اهو آهي ڪاميابي جو اصل بنياد ... !! ان کان بغير ڪنهن بہ مسلمان جي ڪاميابي ممڪن ئي ناهي. الله پاڪ اسان کي ڪامل اطاعت ۽ فرمانبرداري جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

1...شرح الزرقانی ،باب غزوة بدر الکبریٰ ،جلد:2 ،صفحہ:264-268 ملتقطاً۔

2...شاہنامۂ اسلام، صفحہ:229۔

## (2) اتفاق ۽ اتحاد

ٻئي نمبر تي الله پاڪ ارشاد فرمايو:

وَلَا تَنَازَعُوْا (پاره:10،سورۂ انفال :46)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ پاڻ ۾ ٻي اتفاقي نہ ڪيو.

هي ڪاميابي جي ٻئي شرط آهي تہ اسان پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد سان رهون، پاڻ ۾ جهيڙن جهڳڙن ۽ نفساني اختلاف کان بچندا رهون. جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ لڙائي جهڳڙو ڪنداسين تہ ڇا ٿيندو؟ هتي ان جا 2 اهم بنيادي نقصان ٻڌايا ويا، فرمايو:

فَتَفْشَلُوْا (پاره:10،سورۂ انفال :46)

ترجمو ڪنز الايمان: نہ تہ توهان بزدل ٿي ويندؤ.

"هڪ هڪ ٿيندو آهي ۽ ٻہ ٻارهن ٿيندا آهن، جيڪڏهن اسان لڙائي جهڳڙو ڪنداسين تہ اسان جي طاقت گهٽ ٿي ويندي، اسان اڪيلا اڪيلا رهجي ويندا سين ۽ هي ڪمزوري اسان جي اندر بزدلي پيدا ڪري ڇڏيندي. ۽ ٻيو نقصان اهو ٿيندو تہ...

وَتَذْهَبَ رِيْحُكُمْ (پاره:10،سورۂ انفال :46)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ توهان جي هوا (قوت) ٽٽي ويندي.

هوا ويندي رهندي مطلب: توهان جي طاقت الڳ الڳ ٿي ويندي ۽ توهان جي اندر اها طاقت نہ رهندي جنهن جي ذريعي توهان ڪامياب ٿي سگهو.

## ناڪامين جي هڪ بنيادي وجهہ

اڄ اسان پنهنجي معاشري جو جيڪڏهن جائزو وٺون تہ اسان جي ناڪامين ۽ عالمي طور تي مسلمانن جي تنزلي جي هڪ وڏي وجهہ اها آهي تہ اسان وٽ لڙائي جهڳڙا عام آهن ۞ ڪٿي ذات جي بنياد تي ۞ ڪٿي نسل جي بنياد تي ۞ ڪٿي رنگ جي بنياد تي ۽ ۞ ڪٿي خطن جي بنياد

تي لڙائي جاري آهي بلڪ ۞ ايسيتائين به جهڳڙن جو معاملو آهي جو پاڻ ۾ جهڳڙا ٿيندا آهن پر ان جهڳڙن جي وجهه جي خبر ناهي هوندي ۞ ڪيترن ئي خاندانن ۾ ابن ڏاڏن کان جهيڙو هلندو پيو اچي، بس ان ئي بنياد تي اڳتي اولاد به هڪ ٻئي جي دشمن بڻيل آهي ۞ پائر پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن ۞ اولاد جو ماءُ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏڻ جون به خبرون ٻڌڻ ۾ اينديون رهنديون آهن ۞ ڪٿي ڀائٽيو چاچي کي قتل ڪري ڇڏيندو آهي ۞ ڪٿي دوست پاڻ ۾ وڙهندا آهن ته معاملو قتل و غارت تائين پهچي ويندو آهي. اهي لڙائيون، اهي جهڳڙا، اهي اختلاف آهن جيڪي اسان کي اندر کان خالي ڪري ڇڏيندا آهن.

وڏي مشهور هڪ ڪهاڻي آهي، اسان ننڍپڻ کان ڪتابن ۾ پڙهندا ۽ ٻڌندا پيا اچون: هڪ ڪانير هو، ان جا پٽ پاڻ ۾ لڙائي جهڳڙو ڪندا رهندا هئا، ڪانير انهن کي سمجهائيندو رهندو هو پر انهن جي سمجهه ۾ ڳالهه نه ايندي هئي، آخر هڪ ڏينهن ان هڪ ترڪيب سوچي، ان پنهنجن سيني پٽن کي گڏ ڪيو، انهن کي چيائين: وڃو! ڪانيون گڏ ڪري ڪٽي اچو! اهي ڪانيون ڪٽي آيا. هاڻي ان چيو: انهن ڪانين کي ٽوڙيو! سيني ڪانيون ٽوڙي ڇڏيون. هاڻي ڪانير ڪانين جو هڪ ڳنو(گڏو) ٻڌو ۽ چيو: هاڻي هن ڳني کي ٽوڙيو! سيني زور لڳايو پر ان کي ٽوڙي نه سگهيا. ان تي ڪانير سمجهايو ته منهنجا ٻارؤ! اها آهي اتفاق جي طاقت...!! ڪانيون جڏهن جدا جدا هيون ته توهان انهن کي آساني سان ٽوڙي ورتو، جڏهن اهي پاڻ ۾ ملي ويون ته توهان انهن کي ٽوڙي نه سگهيؤ. پٽن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي وئي ۽ انهن لڙائي جهڳڙا ڇڏي ڏنا.

هي هڪ فرضي ڪهاڻي آهي، اسان ننڍپڻ کان پڙهي يا ٻڌي آهي، اسان ڄاڻون به ٿا پر ان تي عمل نٿا ڪيون. بهرحال! پنهنجو پاڻ ۾ اتفاق اها عظيم طاقت آهي جو اها هجي ته ڪاميابي هر ميدان ۾ قدم چمندي ۽ اها طاقت نه هجي، پاڻ ۾ اختلاف، لڙائي جهڳڙا هجن ته ڪاميابي ملڻ انتهائي ڏکي آهي.

| | |
|---|---|
| دُنیا کے جھگڑوں سے یکسر چُھڑا کر | غیروں کی اُلفت کو دِل سے مٹا کر |
| شاہِ والا مجھے اپنا بنا لو! | اپنا بنا لو! مجھے، اپنا بنا لو! |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3) صبر

ٽئين نمبر تي الله پاڪ ارشاد فرمايو:

وَ اصْبِرُوْا (پاره:10،سورهٔ انفال :46)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ صبر ڪيو.

صبر ڪاميابي جي لاءِ تمام گهڻي ضروري شيءِ آهي. جيستائين اسان پنهنجي پيرن تي بيهي نٿا سگهون، تيستائين اسان ڪامياب نٿا ٿي سگهون. ڪاميابي اصل ۾ صبر جي نتيجي جو نالو آهي. ماڻهو هر ميدان ۾، هر مشڪل ۾ ثابت قدم رهي، دنيا جو ڪو طوفان به ڪيس پنهنجي مقصد کان هٽائي نٿو سگهي، ڪيتري ئي مشڪل هجي، سندس قدم نه ڏکن، اهڙو شخص هڪ نه هڪ ڏينهن ڪاميابي حاصل ڪري ئي وٺندو آهي.

دنيا ۾ ڪا اهڙي ڪاميابي ناهي جيڪا بغير محنت ۽ بغير صبر جي حاصل ٿي سگهي. مثال طور هڪ ٻار آهي، ان کي اسڪول جو امتحان ڏيڻو آهي ان جي دل ڪري ٿي ته مان به ٻين ٻارن وانگر کيڏان پر هو پنهنجي هن خواهش کي دٻائيندو آهي، صبر ڪندو آهي ۽ پنهنجي پڙهائي تي ڌيان ڏيندو آهي ان جي دل ڪندي آهي ته مان به گهمڻ ڦرڻ وڃان، مان به موبائل تي پنهنجو وقت ضايع ڪريان پر هو پنهنجي خواهش کي دٻائيندو آهي، صبر ڪندو آهي، استقامت سان پڙهائي ۾ محنت ڪندو رهندو آهي ته ان جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ اهو امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويندو. جيڪڏهن پنهنجين خواهشن کي نه دٻائي، ٻين کي کيڏندي، سير وتفري ڪندي، وقت ضايع ڪندي ڏسي صبر نه ڪري سگهي ته نتيجو ڇا ٿيندو؟ اهو امتحان ۾ ناڪام ٿي ويندو. اهو ئي حال دنيا جي هر ڪاميابيءَ جو آهي.

## ڪاميابي ۽ صبر

حضور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پيدائشي ولي آهن، ان جي باوجود سندن 40 سال مجاهدات ڪيا، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون تي تمام گھڻيون سختيون رکيون ويون ۽ جڏهن سختيون انتها کي پهچي ويون ته مان زمين تي ليٽي ڪري هيءَ تلاوت ڪندو هئس:

| | |
|---|---|
| فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۙ﴿۵﴾ اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ؕ﴿۶﴾ (پاره:30،سورۂ الم نشرح :5-6) | ترجمو كنزالعرفان: پوءِ بيشڪ ڏکن سان گڏ سک آهن. بيشڪ ڏکن سان گڏ سک آهن. |

پوءِ (ان مبارڪ آيتن جي برڪت سان) اُهي تمام سختيون مون کان پري ٿي ويندڙيون هيون. (1)

هي ڪاميابيءَ جو هڪ پراسس(***Process***) آهي، اسان کي ان پراسس مان گذرڻو ئي پوندو آهي، تنگي سان گڏ ئي آساني آهي، جيڪڏهن اسان تنگي برداشت ئي نه ڪيون، ان تي صبر ئي نه ڪيون ته اسان آسانيءَ تائين ڪيئن پهچي سگھنداسين ۽ ان جي برعڪس اسان جيتريون تنگيون برداشت ڪندا ويندا سين، اوتريون ئي اسان لاءِ آسانيون ايندڙيون ويندڙيون.

ائين ڪڏهن به ناهي ٿيندو ته اسان پهريون ئي قدم کڻون ۽ ڪاميابي اسان جي سامهون اچي بيهي رهي. صبر ڪرڻو پوندو آهي، مشڪلات مان گذرڻو پوندو آهي.

## اميرِ اهلسنت جو صبر ۽ ڪاميابي

اڄ جي دور جي لحاظ کان اسان جي سامهون شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليه هڪ رول ماڊل(***A Role Model***) آهن، ڪيئي سال پهريان جي ڳالھ آهي، سندن هڪ مقصد اپنايو ته مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، سندن ان مقصد جي پوري ٿيڻ لاءِ

---

1...طبقات الكبرىٰ ،للشعراني ،صفحه:181۔

اڪيلو هليا، مشڪلاتون به آيون، ڪين ستايو به ويو، ماڻهن ڏڪا به ڏنا، طعنا به ٻڌڻا پيا، برو ڀلو به چيو ويو، سندن جي خلاف ڪتاب به لکيا ويا، مارڻ جون سازشون به ڪيون ويون پر ڪين ثابت قدم رهيا، ايستائين جو سندن تي قاتلاڻو حملو به ٿيو پر ڪين ثابت قدم رهيا، صبر ڪندا رهيا، برداشت ڪندي استقامت سان، حڪمتِ عملي سان اڳتي وڌندا رهيا، وڌندا رهيا ايستائين جو سندن جي ڏاهيل پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي اڄ سڄي دنيا ۾ عام ٿي وئي آهي، اڄ صبر اُهو رنگ لاتو، سندن جي ڪاوشن سان اڄ سڄي دنيا دين جو ڪم ٿي رهيو آهي ۽ وڏا وڏا علماءِ ڪرام، مفتيانِ ڪرام، وڏا وڏا پير، سجاده نشين سندن کي سلامِ عقيدت پيش ڪندي ڇئي رهيا آهن:

| | |
|---|---|
| مسلک کا تُو امام ہے الیاس قادری! | تدبیر تیری تام ہے الیاس قادری! |
| تنہا چلا تو ساتھ تیرے ھو گیا جہاں | میٹھا تیرا کلام ہے الیاس قادری! |
| ہے دعوت اسلامی کی دنیا میں دھوم دھام | مقبول تیرا کام ہے الیاس قادری! |

هي آهي صبر جو نتيجو...!! تنهنڪري اسان کي به گهرجي ته اسان صبر ڪريون، برداشت ڪريون، مشڪل اچي، پريشاني اچي، مصيبت اچي، استقامت سان، حڪمتِ عملي سان پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندا رهون، اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيم! هڪ ڏينهن ڪاميابي اسان جا قدم چمندي.

## صبر ڪيستائين ڪيون...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ماڻهو ڪيئي ڀيرا صبر ته ڪري وٺندا آهيون پر صبر جو جيڪو ٽائيم پيريڊ (Time period) هوندو آهي، ان کي پورو ناهيون ڪري سگهندا. ياد رکو! ڪاميابي جي حصول تي صبر جو دورانيو به تمام اثر انداز ٿيندو آهي. جنهن ڪاميابيءَ لاءِ 3 ڪلاڪن جو صبر گهرجي، ان لاءِ اسان کي 3 ڪلاڪ ئي صبر ڪرڻو پوندو، 2 ڪلاڪ صبر ڪنداسين ته ڪم نه ٿيندو، جنهن ڪاميابيءَ لاءِ اسان کي 10 سال صبر جي ضرورت آهي، ان لاءِ 10 سال ئي صبر ڪرڻو پوندو، ائين صبر جي

دورانيي (وقت) جو لحاظ رکڻ بہ تمام ضروري آهي. ڪنهن صاحبِ علم کان پڇيو ويو تہ اسان کي ڪيستائين صبر ڪرڻ گهرجي؟ انهن وڏو پيارو جواب ڏنو: چيائون: اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ﴿۳۶﴾

(پاره:10،سورۀ انفال :46)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ اللّٰه صبر ڪرڻ وارن سان گڏ آهي.

تنهنڪري جيستائين توهان چاهيو ٿا تہ اللّٰه پاڪ (جي مدد ۽ نصرت) توهان سان گڏ رهي، تيستائين صبر ڪندا رهو. اللّٰه پاڪ اسان کي صبر ۽ برداشت جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

هي اهي 3 ڪم آهن جيڪي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاء اسان کي ڪرڻا آهن (1) اللّٰه ۽ رسول جي اطاعت (2) پاڻ ۾ اتفاق ۽ اتحاد: (3) صبر. هاڻي اهي 3 ڪم ٻڌو! جيڪي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ نہ ڪرڻ ضروري آهن:

## (4) تڪبر جو نہ هئڻ

اللّٰه پاڪ ارشاد فرمايو:

وَ لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا

(پاره:10،سورۀ انفال :47)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ انهن ماڻهن وانگر نہ ٿجو جيڪي پنهنجي گهرن مان وڏائي ڪندي نڪتا.

هي غزوهٔ بدر ۾ ڪافرن جي شڪست جي سببن جو بيان آهي تہ اهي هڪ هزار جي تعداد ۾ هئا، جنگجو بہ هئا، ساز و سامان بہ انهن وٽ گهڻو هو، ظاهري سبب بہ انهن وٽ گهڻا هئا ۽ مسلمانن جو 313 جو لشڪر آهي، تلوارون بہ پوريون ناهن، کائڻ پيئڻ جو سامان بہ پورو ناهي، تعداد بہ ٿيٽو گهٽ آهي، ان جي باوجود مڪي جي ڪافرن کي شڪست ڇو ٿي؟ انهن جي ناڪامي جا سبب ڪهڙا هئا؟ اللّٰه پاڪ اهي سببَ اسان کي ٻڌايا پر خطاب اسان کي ئي ڪيو يعني انهن جي ناڪامي جا جيڪي سبب هئا، اسان کي فرمايو تہ توهان اهي ڪم ڪڏهن بہ نہ ڪجو.

اهي اسباب ڪهڙا آهن فرمايو:

| | |
|---|---|
| خَرَجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ بَطَرًا (پاره:10،سورهٔ انفال :47) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** پنهنجي گهرن مان وڏائي ڪندي نڪتا. |

هي ناڪاميءَ جو بنيادي سبب آهي: ❁ تڪبر- ❁ وڏائي ڪرڻ، ❁ پنهنجي ٻانهن تي ❁ پنهنجي طاقت تي، ❁ پنهنجي عقل تي، ❁ پنهنجي دولت تي ❁ پنهنجي ذهانت تي ڀروسو ڪرڻ ۽ اهو چوڻ ته مان هي ڪم ڪري وٺندس، هي شيءِ انسان کي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي.

روايتن جي مطابق جڏهن مڪي جا ڪافر بدر جي ميدان لاءِ گهرن مان نڪتا ته هو غرور ۽ تڪبر جي نشي ۾ مست هئا. ابوجهل چيو هو: خدا جو قسم! اسان شان و شوڪت سان بدر تائين وينداسين، اتي اٺ ذبح ڪنداسين ۽ خوب کائينداسين، کارائينداسين، شراب پيئنداسين نچڻ ڳائڻ جون محفلون سڄائينداسين -[1] هي انهن جو غرور هو، پوءِ ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ مڪي جي ڪافرن کي عبرتناڪ شڪست ٿي.

## غرور جو ڪنڌ هميشه جهڪندو آهي.

هي صرف هڪ واقعو بدر جو ئي ناهي، تاريخ اهڙن واقعن سان ڀري پئي آهي. تاريخ جون ڪتابون پڙهي ڏسو، اڄ تائين جنهن به غرور ڪيو، تڪبر ڪيو، ان جو ڪنڌ هيٺ ئي ٿيو آهي.

فرعون چيو هو:

| | |
|---|---|
| اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ﴿۲۴﴾ (پاره:30،سورهٔ نازعات :24) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** مان توهان جو سڀ کان اعلٰي رب آهيان. |

ان جو غرور ٽٽيو ۽ ان کي غرق ڪيو ويو* نمرود وڏائي ڪئي، تڪبر ڪيو، الله پاڪ ان کي مڇر جي ذريعي تڪليف ڏئي ڏئي ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيو. * قارون چيو: منهنجو مال آهي، مون پنهنجي علم جي طاقت تي حاصل ڪيو آهي، ان کي ۽ ان جي مال کي زمين ۾ دٻايو ويو. * ابوجهل تڪبر ڪيو، وڏائي ڪئي، ان پنهنجي طاقت، پنهنجي فن ۽

1...سيرة ابن ہشام، غزوهٔ بدر، جز:2، جلد:1، صفحه:255-256۔

ظاهري اسباب جي بنياد تي غرور ڪيو، الله پاڪ ٻن ننڍڙن ٻارڙن جي ذريعي ان کي هلاڪ ڪري ڇڏيو.

مطلب تہ: اهو سچ آهي تہ غرور جو ڪنڌ هميشہ جهڪيل رهندو آهي. ان ڪري ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪرڻ گهرجي، بس الله پاڪ جي حضور ۾ ڪنڌ جهڪائي ئي رکجي، عاجزي جو پيڪر ئي بڻيل رهجي. يقين مڃو! اسان جو ڪجھ بہ ناهي، طاقت بہ الله پاڪ جي آهي، قوت بہ ان جي آهي، حڪم بہ ان جو هلندو آهي.

## هڪ متڪبر ڪافر جو واقعو

الله پاڪ سيپاري: 15، سورت ڪهف ۾ هڪ سبق آموز واقعو ذڪر فرمايو آهي. بہ شخص هئا، انهن مان هڪ ڪافر هو، هڪ مؤمن هو، ڪافر مالدار هو. ان جا بہ باغ هئا، انهن ۾ انگورن جون ٽاريون هيون، کجور جا وڻ هئا ۽ هو انهن ۾ پوک بہ ڪندو هو، باغن جي وچ ۾ نهر(شاخ) بہ هئي، اهي ٻئي باغ پورا پورا ميوو ڏيندا هئا.

ان بدبخت ڪافر تي مال جو نشو چڙهيو، ان تڪبر ڪيو ۽ غرور جي نشي ۾ مست تي مؤمن کي طعنا ڏنا ۽ چيو:

| | |
|---|---|
| مَاۤ اَظُنُّ اَنْ تَبِیْدَ هٰذِهٖۤ اَبَدًا ﴿۳۵﴾ لا<br>(پارہ:15،سورهٔ کہف:35) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** مان گمان نٿو ڪيان تہ هي (باغ) ڪڏهن ختم ٿيندو. |

مؤمن ٻانهي ان کي ڏاڍو پيارو جواب ڏنو، پهريان تہ هيئن چيو تہ توهان وٽ مال آهي تہ ڇا ٿي پيو، الله پاڪ مون کي ايمان جي دولت سان نوازيو آهي، توهان مالدار هجڻ جي باوجود بہ احسان فراموش آهيو پر مان پنهنجي ربِّ ڪريم جو فرمانبردار آهيان، ڪنهن کي ان سان شريڪ نٿو بڻايان، پوءِ جتي توهان جي انهن باغن جو معاملو آهي تہ ياد رکو!

| | |
|---|---|
| فَعَسٰى رَبِّیْۤ اَنْ یُّؤْتِیَنِ خَیْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ<br>(پارہ:15،سورهٔ کہف:40) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** تہ قريب آهي جو منهنجو رب مون کي تنهنجي باغ کان سٺو ڏي. |

پوءِ نتيجو اهو ئي نڪتو جيڪو غرور ۽ تڪبر جو هميشہ نڪرندو آهي. ان جي باغن تي مصيبت آئي ۽ اهي ٻئي باغ تباهہ ۽ برباد ٿي ويا.

الله پاڪ فرمايو:

وَ لَمۡ تَكُنۡ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنۡصُرُوۡنَهٗ مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ وَ مَا كَانَ مُنۡتَصِرًا ﴿ؕ۴۳﴾ هُنَالِكَ الۡوَلَايَةُ لِلّٰهِ الۡحَقِّ ؕ (پاره:15،سورهٔ کہف:43 -44)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ان وٽ ڪا جماعت نہ هئي جيڪا الله جي اڳيان ان جي مدد ڪري ها ۽ نہ ئي اهو پاڻ بدلو وٺڻ جي قابل هو. هتان پتو پيو تہ سمورو اختيار الله سچي جي ئي لاءِ آهي.

هي آهي سمجهڻ جي ڳالهہ...!

اَلۡوَلَايَةُ لِلّٰهِ الۡحَقِّ ؕ

اختيار ڪنهن جو آهي؟ سچي الله پاڪ جو. تنهنڪري اسان ڪي گهرجي تہ ڪڏهن بہ وڏائي نہ ڪريون، هميشہ عاجزي ڪندڙ بڻجي رهون.

## (5) رياڪاري

الله پاڪ وڌيڪ فرمايو:

وَ رِئَآءَ النَّاسِ (پاره:10،سورهٔ انفال :47)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ ماڻهن ڪي ڏيکاءُ ڪندي.

هي مڪي جي ڪافرن جي شڪست جو ٻيو سبب آهي: رياڪاري، ڏيکاءُ، شهرت. جيڪڏهن اسان ڪاميابي چاهيون ٿا تہ اسان تي لازم آهي تہ هميشہ شهرت کان بچندا رهون. اسان جو هر ڪم صرف ۽ صرف الله تعاليٰ جي رضا لاءِ هجي. شهرت جي ذريعي جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪاميابي ملي ويندي آهي پر اها حقيقت ۾ ڪاميابي ناهي هوندي بلڪ پاڻي تي بينل هڪ عمارت هوندي آهي جيڪا جلد ئي زمين تي ڪري پوندي آهي.

يقين ڄاڻو! ڏيکاءُ انسان جي ذلت ۽ ناڪامي جو وڏو سبب آهي، ڪا نيڪي ڪري، ان جو چرچو ڪرڻ، شهرت جي خواهش رکڻ سٺي ڳالهہ ناهي بلڪ نحوست جو سبب آهي.

# رياڪاري ڪاميابي جي راهه ۾ رڪاوٽ آهي

ياد رکو! رياڪاري حقيقي ڪاميابي جي راهه ۾ تمام وڏي رڪاوٽ آهي بلڪ هيئن چئو ته اهي سببَ، اهي ڪم، اهي ذريعا جيڪي اسان کي حقيقي ڪاميابي تائين پهچائي سگهن ٿا، رياڪاري انهن ئي ذريعن کي ناڪامي جا سببَ بڻائي ڇڏيندي آهي. يعني رياڪاري ايتري خراب بيماري آهي جيڪا اسان جي ڪاميابي جي ذريعن کي نقصان پهچائيندي آهي. مثال طور ۞نماز ڪاميابي جو وڏو اهم ۽ بنيادي ذريعو آهي، ڪيترا ئي اهڙا بزرگ آهن جيڪي نماز جي برڪت سان ولايت جي بلند درجن تائين پهچي ويا پر اها ئي نماز جيڪڏهن رياڪاري جي نيت سان پڙهي وڃي ته ڪاميابي جو ذريعو نه بلڪ گناهه جو سبب بڻجي ويندي آهي ۞قرآنِ ڪريم ڪاميابي جو وڏو ذريعو آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته الله پاڪ قرآنِ ڪريم جي ذريعي قومن کي عروج ۽ بلندي عطا فرمائيندو آهي. جيڪڏهن اهو ئي قرآنِ ڪريم کو رياڪاري جي نيت سان پڙهي، ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ان تي عمل ڪري ته ڇا ٿيندو؟ ڪاميابي ملندي؟ نه...!! بانهو بيٺو گنهگار ٿيندو.

حضرت مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تمام وڏا الله پاڪ جا ولي آهن، هڪ دفعي سندن دل ۾ خيال آيو ته ڪا اهڙي صورت ٿئي جنهن جي ذريعي مون کي مسجد جو مُتَوَلّي بڻايو وڃي. سو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان مسجد ۾ اعتڪاف ڪرڻ ۽ ڪثرت سان نمازون پڙهڻ لڳا. ايتري ڪثرت سان نمازون پڙهڻ جي باوجود به ڪنهن سندن ڏانهن توجهه نه ڪئي، اهڙي ڪيفيت ۾ پورو سال گذري ويو، هڪ سال کان بعد سندن کي غيب مان آواز آئي: اي مالڪ! هاڻي توکي توبه ڪرڻ گهرجي.

هاڻي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي حقيقت واضح ٿي ۽ سندن کي احساس ٿيو ته مون صرف مسجد جو مُتَوَلّي بڻجڻ جي خاطر پورو سال نمازون پڙهيون، افسوس! انهن ۾ الله پاڪ جي رضا مقصود نه هئي، اهو احساس ٿيندي ئي پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه توبه ڪئي ۽ هاڻي ئي کان اخلاص سان صرف الله پاڪ جي رضا لاءِ عبادت ڪرڻ لڳا، صرف هڪ رات ئي پاڻ عبادت ڪئي هئي،

ٻئي ڏينهن مسجد جي دروازي تي ماڻهو گڏ ٿيا، انهن باهمي مشوري سان سندن کي مسجد جو مُتَوَلّي ٿيڻ کان به نااهل قرار ڏنو.[1]

معلوم ٿيو رياڪاري اها بدترين بيماري آهي جيڪا اسان جي ڪاميابي جي ڏاکڻ کي ناڪامي جو سبب بڻائي ڇڏيندي آهي. تنهنڪري اسان کي هميشه رياڪاري، ڏيکاءُ ۽ شهرت کان بچندو رهڻ گهرجي. پهرين دور جي مسلمانن جي ڪاميابي جو بنيادي سبب ئي اهو هو ته اهي ڪنهن به شيءِ جا طلبگار نه هئا، اهي الله ۽ ان جي رسول جي رضا چاهيندا هئا، جڏهن ته اسان جي ناڪامين جو بنيادي سبب اهو آهي ته اسان دنيا چاهيون ٿا، پيئسا چاهيون ٿا، منصب ۽ پنهنجو نالو چاهيون ٿا. الله پاڪ اسان کي رياڪاري جي هن آفت کان محفوظ فرمائي. ڪاش! اسان جو هر عمل الله پاڪ جي رضا لاءِ ٿي وڃي.

مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!

## (6) راهِ خدا کان روڪڻ

الله پاڪ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَيَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ (پاره:10،سورهٔ انفال :47) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ اهي الله جي رستي کان روڪي رهيا هئا. |

هي مڪي جي ڪافرن جي ناڪامي جو ٽيون سبب آهي. مڪي جا ڪافر الله پاڪ جي دين کي ختم ڪرڻ، ماڻهن کي دين جي رستي کان هٽائڻ لاءِ نڪتا هئا جڏهن ته صرف 313 جو لشڪر الله پاڪ جو ڪلمو بلند ڪرڻ لاءِ نڪتو هو. ان ڪري ڪافرن کي عبرتناڪ شڪست ملي ۽ اهي 313 جيڪي الله پاڪ جي دين کي بلند ڪرڻ چاهيندا هئا، انهن کي عظيم الشان فتح نصيب ٿي. اسان کي به اهو ئي حڪم ڏنو ويو آهي ته اي ايمان وارؤ! مڪي جي ڪافرن جي ناڪامي جو سبب توهان جي سامهون آهي، توهان هرگز ائين

1... تذکرۃ الاولیاء،باب چہارم،ذکر مالک دینار ،جز:1،صفحہ:48 خلاصۃً۔

نہ ٿجو، هرگز هرگز خدا جي رستي کان روڪڻ وارا نہ ٿجو، نہ تہ جيئن مڪي جا ڪافر عبرت جو نشان بڻجي ويا هئا، توهان بہ ناڪام ٿي ويندا.

اڄڪلهہ هي مصيبت بہ آهستي آهستي اسان جي معاشري ۾ عام ٿيندي پئي وڃي، ماڻهو ناحق نيڪي جي رستي ۾ رڪاوٽون وجهي رهيا هوندا آهن. خاص طور والدين ۽ عزيز رشتيدار نيڪ رستي تي هلڻ واري کي جيڪي طعنا ڏيندا آهن، دوست احباب ان کي جيڪو ستائيندا آهن، مثال طور ڪنهن سنت جي مطابق ڏاڙهي رکي تہ ان تي ٺوڪون ڪرڻ لڳندا آهن، عمامو شريف سجايو، سنت جي مطابق لباس پائڻ لڳو تہ ان کي ان نيڪ ڪم تي طعنو ڏنو ويندو آهي، اهڙي طرح ڪيئي والدين پنهنجي اولاد کي نيڪ راهہ کان روڪيندا آهن، مثال طور علم دين سکڻ نہ ڏيندا آهن، نيڪ اجتماعات ۾ شرڪت کان منع ڪندا آهن، اهڙن کي سنڀلڻ گهرجي.

## مدني قافلي کان روڪڻ جو نقصان

احمد آباد (هند) جو واقعو آهي، هڪ عاشقِ رسول هڪ نوجوان کي ترغيب ڏئي مدني قافلي ۾ سفر لاءِ آماده ڪيو پر سندس والد صاحب دنياوي تعليم ۾ رڪاوٽ جي خوف کان اخروي تعليم جي سفر کان روڪيو.

ويچاري کي عاشقان رسول جي صحبت ملندي ملندي رهجي وئي، نتيجو اهو نڪتو تہ هو برن دوستن جي هٿ چڙهي ويو ۽ شرابي بڻجي ويو. هاڻي سندس والد صاحب کي پنهنجي غلطي جو احساس ٿيو، هن ان عاشق رسول کي درخواست ڪئي تہ ان کي قافلي ۾ وٺي وڃ تہ ان جي شراب جي عادت وڃي. ان عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ ٻيهر ان نوجوان کي مدني قافلي لاءِ تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇو تہ ويچارو تمام گهڻو بگڙجي چڪو هو ان ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ مدني قافلي ۾ سفر لاءِ راضي نہ ٿيو.

صحبتِ صالِح تُرا صالح کُنَد | صحبتِ طالح تُرا طالح کُنَد

وضاحت: سٺن جي صحبت توکي سٺو بڻائي ڇڏيندي ۽ برن جي صحبت توکي برو بنائي ڇڏيندي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان جو خلاصو

هي ڪل 6 ڪم آهن. 3 جيڪي اسان کي ڪرڻا آهن: (1): الله ۽ رسول جي اطاعت (2): پاڻ ۾ اتفاق ۽ محبت (3): صبر. ۽ 3 ڪم اهي آهن جن کان اسان کي بچڻو آهي: (1): وڏائي ناهي ڪرڻي (2): رياڪاري ناهي ڪرڻي (3): ڪڏهن به ڪنهن کي الله پاڪ جي رستي کان ناهي روڪڻو. هي 6 ڪم جيڪڏهن اسان ڪيون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! هر ميدان ۾ ڪاميابي اسان جو مقدر بڻجي ويندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

# نيڪ اعمال (Naik Amal) موبائل ايپلي ڪيشن

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ اعمال ۾ اضافي جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: نيڪ اعمال (Naik Amal) هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالبِ علمن جي لاءِ الڳ، الڳ، رسالا موجود آهن * ان کي 6 مختلف زبانن * انگريزي * اردو * هندي * بنگالي * گجراتي ۽ * سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو * هن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن * هر سوال جي هيٺ 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضي جو ڪوبه وقت مُقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، هن جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! هن جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻبو، دل جي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# صحيح ڇا آهي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

**مسئلو:** سحري جو وقت ختم ٿيڻ کان اڳ شرعي سفر ڪيو ته روزو ڇڏي سگهجي ٿو.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي ته جنهن ڏينهن سفر ڪرڻو آهي ان ڏينهن روزو ڇڏي سگهجي ٿو. اصل مسئلو هي آهي: جيڪڏهن صبح صادق جي وقت حالتِ سفر ۾ هجي ته روزو ڇڏي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن صبح صادق کان پوءِ سفر شروع ڪرڻو هجي ته ان ڏينهن جو روزو نٿو ڇڏي سگهجي. ياد رهي! حالت سفر ۾ جيترا به روزا ڇڏيا وڃن، بعد ۾ انهن جي قضا ڪرڻي پوندي.

# اسماء الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

## يَا مُتَكَبِّرُ

جنهن کي به ڊيڄاريندڙ خواب ايندا هجن ته اهو روزانو 21 ڀيرا **يَا مُتَكَبِّرُ** پڙهي وٺي ته خواب ۾ نه ڊڄندو. (1) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

[1]...مدنی پنج سوره، صفحہ:247۔